# ڏکين لفظن جي معنيٰ[1]

**ڏکين لفظن جي معنيٰ انگريزي الفابيٽ جي حساب سان ڏني وئي آهي.**

A B C D E F G H I J K L M N O P Q R S T U V W X Y Z

جن لفظن تي * جو نشان آهي اهو هن ڪتاب ۾ استعمال ٿيل ناهي. جڏهن ته اهي لفظ ڊاڪٽر عام طور تي استعمال ڪري ٿو يا دوائن تي لکيل ٿين ٿا.

گهڻين بيمارين جا نالا هن فهرست ۾ شامل ناهن پر انهن جا نالا ۽ تفصيل ڪتاب ۾ ڏسو.

## A

Abdomen **ائب ڊامِن.** پيٽ، شڪم. جسم جو اهو حصو جنهن ۾ معدو، جيرو ۽ آنڊا وغيره ٿين.

Abnormal **ائب نارمل.** غير رواجي، غير فطرتي. جيڪو عام رواجي حالت ۾ نه هجي.

Abscess **ائب سيس.** ڦرڙي. بئڪٽيريا يا ڪنهن بئي انفيڪشن سبب پيدا ٿيندڙ پونءِ جهڙوڪ ڦرڙي ۽ ڳڙ

Acne (pimples) **ائڪ ني.** موهيڙا. منهن، ڇاتيءَ يا پٺيءَ جي چمڙيءَ تي ٿيندڙ اهڙا داڻا جيڪي سفيد منها ته ورلي ڪارمنها ٿين، منجهن گند، پونءِ ٿئي، نوجوانن ۾ گهڻا عام ٿين.

Acute **اَڪيوٽ. شديد ۽ مختصر.** شديد بيماري اوچتي شروع ٿئي ٿي ۽ ٿورڙو وقت هلي ٿي.

Acute abdomen **اَڪيوٽ ائب ڊامن.** پيٽ جي هڪ اهڙي هنگامي حالت، تڪليف يا بيماري جنهن لاءِ آپريشن ڪرڻي پوي. پيٽ جو سخت سور ۽ الٽي پر دستن جو نه هجڻ اڪيوٽ ائبڊامن جي نشاني ٿي سگهي ٿي.

Adolescent **ائڊولي سينٽ.** بالغجڻ، ساماڄڻ. ٻار: 13 کان 19 سالن جا.

Afterbirth **آفٽر برٿ.** ڏسو. Placenta

Alcoholism **الڪوهلزم.** ڪنهن فرد جي حد کان وڌيڪ شراب (بيئر، رم ۽ وائين وغيره) پيئڻ جي عادت.

Allergy, allergic reaction **ائلرجي، ائلرجڪ ريئڪشن.** ڪن مخصوص شين جي سنگهڻ، ساهه رستي ڪڍڻ، کائڻ، انجيڪشن رستي لڳڻ يا ڇهڻ سبب ڪن فردن ۾ خارش، چاپاڪا، دبڙ، چڪون اچڻ ورلي ساهه کڻڻ ۾ تڪليف پيدا ٿيڻ ۽ سڪتي ۾ هليو وڃڻ.

Amebas (Amoebas) **اَمي بِاس.** تڇ روڳي جيو پاٽيءَ يا آنڊن ۾ رهن ۽ رڳو خوردبين رستي ڏسي سگهجن. دست، سوري ۽ جيري جو انفيڪشن ڪري وجهن.

Amputation **ائمپيو ٽيشن.** بدن جو ڪو حصو، عضوو ڪٽي ڇڏڻ.

Analgesic **ائنل جيسڪ.** سور ماريندڙ، ختم ڪندڙ دوائون.

Anemia **اَني ميا.** رت جي پوٽائي. هڪ اهڙي بيماري جنهن سبب رت جي ڳاڙهن سيلن/ جزن جي کوٽ سبب رت ڇڊي ٿي وڃي. ساڻائي، چمڙيءَ جو پيلو ٿي وڃڻ ۽ طاقت نه رهڻ ان جون نشانيون آهن، وڌيڪ ڏسو **پرنيشس ائنيميا (pernicious anemia).**

Antacid **ائنٽا سِڊ.** اگاري / ڇار اوڳرائي ختم ڪندڙ، معدي جي وڌيل تيزابيت گهٽائيندڙ ۽ پيٽ جي ڳڙٻڙ ختم ڪندڙ دوائون.

Antibiotic **ائنٽي بايوٽڪ.** بئڪٽيريا سبب ٿيندڙ بيماريون/ انفيڪشن ختم ڪندڙ دوائون.

Antiemetic **ائنٽي ايميٽڪ.** الٽي ختم ڪندڙ. اهڙي دوا جيڪا الٽي يا اوڪارا ختم ڪري.

Antihistamine **ائنٽي هِسٽامن.** ائلرجي جهڙوڪ: ڪاهي تپ ۽ خارش جي علاج جي دوا، الٽي روڪڻ ۾ مدد ۽ ننڊ ڪرائي ٿي.

Antiseptic **ائنٽي سيپٽڪ.** صابڻ يا صفائيءَ لاءِ استعمال ۾ ايندڙ ڪا اهڙي پاڻيٺ جيڪا بئڪٽيريا جي واڌ روڪي.

Antispasmodic **ائنٽي اسپازموڊڪ.** آنڊن ۾ پوندڙ وٽ / وڪڙ / وڍ ختم ڪندڙ دوا.

Antitoxin **ائنٽي ٽاڪسن.** ترياق. ڪنهن زهر يا زهريلي مادي جو اثر ختم ڪندڙ دوا، عام طور تي گهوڙي جي سيرم مان ناهي وڃي ٿي.

Antivenom (Antivenin) **ائنٽي وينم.** نانگ وغيره جي زهر جي علاج لاءِ استعمال ٿيندڙ ترياق/ ائنٽي ٽاڪسن

Anus **ائنس.** سفرو. آنڊن جي نيڪال جو سوراخ

Aorta **ائارٽا.** شاهه شريان. دل کان جسم ڏانهن رت نيندڙ مکيه شريان.

Apoplexy **ائپوپليڪسي.** فالج جو پراڻو نالو. ڏسو اسٽروڪ (stroke)

Appendix **اپين ڊِکس.** آنڊي جي آڱر جهڙي ڳوٿري

Appropriate **ائپروپرئيٽ.** ڪا اهڙي شئي جيڪا مخصوص حالت ۾ سولائيءَ ۽ سلامتيءَ سان استعمال ڪري سگهجي ۽ ڪارائتي ثابت ٿئي.

Artery **آرٽري.** شريان. دل کان جسم کي رت پهچائيندڙ رت نلي، شريانن ۾ دهڪو ٿئي. نسون جسم کان رت واپس دل کي پهچائين ۽ منجهن دهڪو نه ٿئي.

Ascaris (Round worm) **اَئس ڪئرِس.** ڪينئان، آنڊن ۾ ٿيندڙ ڪينئان تڪليف، بدهاضمو ۽ ڪمزوري پيدا ڪن ۽ ورلي آنڊن کي بنجي ڇڏين.

## B

Bacteria **بئڪٽيريا**. تڇ جيو. جيڪي رڳو خوردبين سان ڏسي سگهجن، ڪيترين ئي قسمن جون بيماريون پيدا ڪن ٿا.

Bag of waters **بئگ آف واٽرس**. ڳپيرڻ جي اها ٿيلهي جنهن ۾ ٻار/ ٻچو ٿئي. ائم نياٽڪ ڳوٿري به سڏجي. جڏهن ڦاٽي ته منجهانئس پاڻي وهڻ شروع ٿئي، جيڪو عام طور تي ويم جي سورن جي نشاني سمجهي وڃي ٿي.

Bed sores **بيڊ سورس**. پراڻا ڪليل زخم جيڪي اهڙن بيمار مريضن کي ٿين جيڪي بستري تي پاڻ پاسو بدلائي نه سگهن.

Bewitchment **بيوچ مينٽ**. جادو ٽوڻو، نظر منڊڻ

Bile **بائيل**. پت، صفرا. جيري مان پيدا ٿيندڙ ۽ پتي ۾ گڏ ٿيندڙ ڪڙي، سائي رطوبت. سٿپ هضم ڪرڻ ۾ مدد ڪري.

Birth defects ڏسو Defects

Blackhead **بلئڪ هيڊ**. موهيڙي جو هڪ قسم. منهن، ڇاتيءَ يا پٺيءَ جي چمڙيءَ جي ڪنهن سوراخ جو گند سبب بند ٿي وڃڻ.

Bladder stones. ڏسو Kidney stones

Blood pressure **بلڊ پريشر**. رت جو رت نلين (شريانن ۽ نسن) جي پٽين تي پوندڙ دٻاءُ. جيڪو هر فرد جي عمر ۽ صحت مطابق گهٽ وڌ ٿئي.

Boil **بوائل**. ڦرڙي. سجيل، سوزشي ڳوڙهي جنهن جي ڪل هيٺان پونءِ ڳوٿري ٿئي.

Booster **بوسٽر**. اڳ ڏنل وئڪسين جي اثر وڌائڻ لاءِ وئڪسين جو نئون ڊوز/ وزن ڏيڻ.

Bowel movement **بائول مووِمينٽ**. پيٽان ويهڻ

Brand name **برانڊ نيم**. تجارتي نالو. ڪنهن ڪمپنيءَ جو پنهنجي دوا کي ڏنل نالو. مخصوص نالي سان وڪامجندڙ دوا، جينرڪ نالي واري دوا جي پيٽ ۾ وڌيڪ مهانگي وڪامجي ٿي.

Breast abscess ڏسو Mastitis

Breech delivery **بريچ ڊِليوَري**. اهڙو ويم جنهن ۾ ٻار جا چتڙ ۽ ٽنگون اڳ ۾ ٻاهر اچن.

Broad spectrum antibiotic **براڊ اِسپيڪٽرم اَئنٽي بايوٽڪ**. اهڙي دوا جيڪا هڪ ئي وقت ڪيترن مختلف قسمن جي روڳي جيوڙن لاءِ اثرائتي ٿئي بنسبت نئرواسپيڪٽرم ائنٽي بايوٽڪ جي جيڪا رڳو چند روڳي جيوڙن لاءِ موثر ٿئي ٿي.

Bronchi **بَرن ڪائي**. ڦڦڙن ڏانهن ويندڙ ساهه نلڙيون جن مان، ساهه کڻڻ دوران هوا گذري ٿي.

Bronchitis **بَرن ڪائيٽِس**. ساهه نلڙين جي سوزش / انفيڪشن

Bubo **بُبو**. ويلڻ اٿلڻ، ڳِنَر اٿڻ. گهٽو سجيل لمف نوڊ / ڳوڙهي. لِمفو گرئينيو لوما وينيريم جو عام نالو بُبو به آهي.

Buttocks **بٽڪسِ**. چتڙ، ٻنڊڙ. جسم جو اهو حصو جنهن تي هڪ فرد ويهي ٿو.

## C

Cancer **ڪينسر**. هڪ اهڙو ڳوڙهو، ڳوڙهي، جيڪا سدائين وڌندي رهي جيستائين موت جو سبب نه بڻجي.

Carbohydrates **ڪاربو هَئڊريٽس**. نشاستا ۽ کنڊون. توانائي ڏيندڙ کاڌا.

Cassava (Manioc, yucca) **ڪئسِيوا**. گرم علائقن ۾ ٿيندڙ نشاستيدار پاڙون، پاڙ ڦل، لاهوري گجر.

Cast **ڪاسٽ**. پلستر ۽ پٽيون جيڪي ڀڳل هڏن کي ٽانيڪي رکڻ ۾ انهن جي لڳڻ تائين چاڙهيون وڃن.

Cataract **ڪئٽ رئڪٽ**. موتيو پاڻي. اک جي بيماري جنهن ۾ اک جو بلور ڏنڌلو ۽ نظر آهستي آهستي گهٽبي وڃي. ماڻڪيءَ تي روشني هڻن سان اها سفيد يا خاڪي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

Catheter **ڪئٿيٽر**. مثاني مان پيشاب ڪڍڻ لاءِ رٻڙ جي نلڪي

Cavity **ڪَئوٽي**. ڏند جو سوراخ / ڪاڇڻ يا داغ جيڪو ماڪوڙي (بئڪٽيريا) تباهه ڪيو هجي.

Centigrade (C.) **سينٽي گريڊ**. گرمي پد. گرمي ۽ سردي جو پد. هڪ صحتمند انساني جسم جو عام رواجي گرمي پد، 37°C رهي ٿو. پاڻي ٻرڙيءَ (0°C) تي ڄمي ۽ (100°C) تي ٽهڪي ٿو.

Cerebrovascular accident (CVA) ڏسو Stroke.

Cervix **سَرويڪس**. ڳِهڻ. ڳپيرڻ جو منهن/ ڳچي جيڪا گرڀ ناليءَ / فرج جي آخر ۾ ٿئي.

Chancre **شَئنڪر**. جنسي عضون، آڱر يا چپ تي ٿيندڙ زخم يا السر جنهن ۾ سور نه ٿئي، اها بادفرنگ جي پهرين نشاني آهي.

Chigger **چِگر**. ڪوريئڙي يا چچڙ جهڙو اهڙو ننڍڙو جيو جيڪو چمڙيءَ ۾ منڊي لڪائي رت چوسي.

Child Health Chart **چائلڊ هيلٿ چارٽ**. ٻار جي وزن جو ماهوار رڪارڊ. جنهن رستي خبر پوي ته ٻار وزن ۾ واڌ ڪري رهيو آهي يا نه.

Childbirth fever **چائيلڊ برٿ فيور**. (هنکي عام طور تي Childbed fever, postpartum infection يا puerperal infection به سڏجي). ويم کانپوءِ ورلي مائرن کي ٿيندڙ بخار ۽ انفيڪشن.

Chronic **ڪرانڪ**. دائمي، ڪهنو، پراڻو يا هر هر ٿي پوندڙ. ڪهني بيماري گهڻو وقت هلي ٿي. (Acute جو ضد)

Circulation **سرڪيوليشن**. دل جي ڌهڪي سبب شريانن ۽ نسن ۾ ٿيندڙ رت جي گردش.

Cleft plate **ڪِليفٽِ پئلئٽ**. ڏريل، چيريل. ڏريل تارونءَ سان ڄاول ٻار کي وات جي مٿاڇري تي هڪ غير رواجي سوراخ هجي ٿو.

Climacteric **ڪلائي مئڪ ٽيرڪ**. سنيجڻ. ماهواري جو هميشه لاءِ بند ٿي وڃڻ.

Colic **ڪَولِڪ**. پيٽ جو سخت سور. جيڪو آنڊن جي وٽ، مروڙ سبب پيدا ٿئي.

Colostrums **ڪولوسٽرم**.ڪنگهڙو. ماءُ جي ڇاتين ۾ پيدا ٿيندڙ پهريون کير. ڏسڻ ۾ پاڻيءَ جهڙو پر پروٽين سان ڀرپور، ٻار کي ڪيترن بيمارين کان بچائي ٿو.

Coma **ڪوما**. سڪتو. بيهوشيءَ جي اهڙي حالت جنهن مان اهڙي فرد کي هوش ۾ آڻي نه سگهجي. ڪنهن بيماري، ڌڪ ۽ زهر سبب اهڙي حالت پيدا ٿئي ۽ عام طور تي موت ۾ ختم ٿئي ٿي.

Community **ڪميونٽي**. اهڙي برادري جيڪا ساڳئي وسندي يا ڳوٺ جي رهندڙ، سندن رهائشي حالتون، دلچسپيون ۽ مسئلا ساڳيا هجن.

Complications **ڪامپلي ڪيشنس**. لاڳڙ اهنج. صحت جا اهڙا ثانوي مسئلا جيڪي ورلي ڪنهن بيماريءَ جي صورت ۾ پيدا ٿين جهڙوڪ ارڙيءَ جي خطرناڪ پيچيدگين سبب اڳتي هلي گردن توڙ تي سگهي ٿو.

Compost **ڪام پوسٽ**. ٻوٽن ۽ جانورن جي گند ڪچري جي اهڙي ملاوت جيڪا سڙي ڳري ڪني ٿيڻ ڪانپوءِ ڀاڻ طور ڪتب اچي. گند گاهه، سڪل پن، ساين ڀاڄين جي گند، جانورن جي ونين ۽ ڇيڻي مان سنو ڪامپوسٽ تيار ٿئي ٿو.

Compress **ڪم پريس**. جسم جي ڪنهن حصي تي تهه ٿيل ڪپڙي جون گرم يا سرد پاڻيءَ جون پٽيون رکڻ.

Conjunctiva **ڪنجنڪ ٽيوا**. اک جي سفيد حصي ۽ ڇپرن جي اندرئين پاسن تي ٿيندڙ سنهڙو حفاظتي تهه/ استر

Consciousness **ڪانشس نيس**. ڏسو Loss of consciousness

Constipation **ڪانسٽي پيشن**. قبضي. ڪرفتي جو ايترو خشڪ ۽ سخت ٿي وڃڻ جو عام طور رواجي طرح سان خارج ٿي نه سگهي.

Consumption **ڪنزم پشن**، سلهه جو پراڻو نالو.

Contact **ڪان ٽيڪٽ**. ڇهاءُ. ڪنهن وچڙندڙ بيماري ۾ مبتلا مريض کي ڇهڻ سان (يا ويجهي رهڻ سان) ساڳئي بيماري ٻي فرد کي وچڙي سگهي ٿي.

Contagious disease **ڪانٽيجيس ڊزيز**. وچڙندڙ بيماري / روڳ. اهڙي بيماري جيڪا هڪ فرد کان ٻئي فرد کي سولائيءَ سان لڳي سگهي.

Contaminate **ڪنٽيمي نيٽ**. گندو، غليظ يا پليت ڪرڻ. هڪ اهڙي سرنج جيڪا اوٻاري نه وئي هجي، عام طور تي گندي/ غليظ رهي ٿي ۽ استعمال ڪرڻ سان بيماريون پيدا ڪري سگهي ٿي، پوءِ ڀلي ته اها ڏسڻ ۾ صاف نظر ايندي هجي.

Contraceptive **ڪنٽرا سيپٽو**. حمل/ ڳپ روڪ. اهڙو طريقو/ نمونو جنهن سان پيٽ نه ٿئي.

Contractions **ڪانٽرڪ شنس**. مشڪن جو ڀيڪوڙجڻ ۽ ڍلو ٿيڻ. ويم جي سورن دوران ڳپيرڻ جي سخت ڀيڪوڙ سبب ٻار ڳپيرڻ مان ٻاهر ڌڪجي جمي ٿو.

Contractures **ڪان ٽرڪچرس**. ڪنهن سنڌ جي مشڪن جو ننڊيو يا سخت هجڻ جنهن سبب چرپر محدود ٿي وڃي.

Contraindication **ڪنٽرا اِنڊيڪيشن**. هڪ اهڙي صورتحال جڏهن ڪا مخصوص دوا واپرائڻ نه گهرجي (ڪيترين دوائون حمل دوران استعمال نه ڪبيون آهن).

Convulsion **ڪَنولشن**. جسم جي ڪنهن حصي يا سڄي جسم جو اوچتو جهٽڪو جيئن گردن توڙ بخار يا مرگهيءَ ۾ ٿئي.

Cornea **قرنيا**. اک جو ٻاهريون صاف شفاف تهه / پڙدو، 'دري' جيڪا ماڻڪيءَ ۽ پتليءَ کي ڍڪيندڙ ٿئي.

Corns **ڪارنس**. ڪڪرا. چمڙيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ سخت، ٿلها ۽ درد پيدا ڪندڙ حصا جيڪي سينڊل يا بوٽ جي داٻ يا هڪ آڱر جي ٻئي سان دٻاءَ يا گاٺ سبب پيدا ٿين.

Cramp **ڪرئمپ**. ڳيڙي. ڪنهن مشڪ جو تڪليف سان ڇڪجڻ يا تاڻجن.

Cretinism **ڪريٽي نزم**. ٻار ۾ پيدائشي ذهني سستي ۽ عام طور تي ٻوڙائپ. اُئين عام طور تي ماءُ جي غذا ۾ آيوڊين جي کوٽ سبب ٿئي ٿو.

Cupping **ڪپنگ**. سنگين هڻن جو هڪ طريقو. گهريلو علاج جو طريقو. جنهن ۾ جسم جي متاڇري تي رت آڻڻ لاءِ گلاس يا ڪوپ هينان شعلو ٻاريو وڃي ٿو.

Cyst **سسٽ**. پاڻيني ڳوڙهي. جسم ۾ پيدا ٿيندڙ غير رواجي پاڻيني ڳوٽريءَ جهڙي واڌ.

# D

Dandruff **ڊئنڊ رف**. ٻڦو. وارن ۾ سفيد سڪِين يا خاڪي ذرڙن جو پيدا ٿيڻ، جنهنکي کوپري جي سيبوريا (Seborrhea) به سڏجي.

Decongestant **ڊيڪنجس ٽنٽ**. اهڙي دوا جيڪا نڪ يا سائنس جي سوڄ يا ٻنج ختم ڪري.

Defect **ڊفيڪٽ**. وڏ، ڄائي ڄم جا نقص، ٻار جي پيدائشي جسماني ۽ ذهني مسئلا، جهڙوڪ: سيهڙ جهڙو چيريل چپ، وريل پير يا واڌاري آڱر.

Deficiency **ڊيفي شنسي**. اڻاٺ، ڪنهن شئي جي کوٽ. ڪنهن شئي جو مناسب مقدار ۾ نه هجڻ.

Deformed **ڊي فارمڊ**. بي ڊولو. جنهنکي صحيح صورت / شڪل نه هجي.

Dehydration **ڊي هاءِ ڊريشن**. سوڪهڙو. اهڙي حالت جڏهن جسم کي گهربل پاڻيٺ کان وڌيڪ پاڻيٺ ضايع ٿي وڃي. سوڪهڙي واري حالت خاص طور تي ٻارڙن لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي.

Delirium **ڊلي ريم**. ذهني وائڙائپ جنهن سبب عجيب حرڪتون ۽ ڳالهيون ڪجن اهڙي حالت تيز بخار يا سخت بيماري سبب پيدا ٿي سگهي ٿي.

Dermal **ڊ رمل**. چمڙي بابت

Dermatitis **ڊرمٽائيٽس**. چمڙيءَ جو انفيڪشن يا سوڄ.

Diaper rash **ڊائپر رئش**. ٻار جي ٽنگن وچ۾ لنگوٽي يا بستري ۾ پيشاب ڪرڻ سبب پيدا ٿيندڙ ڳاڙهسرا ڪُرائيندڙ نشان.

Diarrhea **ڊائيريا**. دست. پتري ڪرفتيءَ جو هر هر اچڻ.

Diet **ڊائيٽ**. کاڌي جا قسم ۽ مقدار جيڪو هڪ فرد کي کائڻ يا ان کان پرهيز ڪرڻ گهرجي.

Discharge **ڊس چارج**. پاڻيٺ، لعاب يا پونءِ جو وهڻ، خارج ٿيڻ.

Dislocations **ڊس لوڪيشن**. هڏن جو سنڌ وٽان ٽڙي وڃڻ.

Douche **ڊوش**. حقنو. ڳرڀ ناليءَ کي پاڻيءَ جي پچڪاريءَ رستي صاف ڪرڻ

Drowning **ڊرائوننگ**. ٻڏڻ. جڏهن پاڻيءَ ۾ ڪنهن فرد جو ساهه ڪٽڻ بند ٿي وڃي.

Dysentery **ڊسين ٽري**. سوري. دستن سان گڏ لعابي استر (ڏُنِ) ۽ رت جو اچڻ، ائين عام طور تي ڪنهن انفيڪشن سبب ٿئي ٿو.

## E

*Eclampsia **اِڪليمپ سيا**. اوچتا دورا، جهٽڪا خاص طور تي حمل يا ويم دوران ٿين. ائين حمل جي ٽاڪسيميا (جسم جي زهرجڻ) سبب ٿئي ٿو.

Embryo **اِمبريو**. ڳڀ، اڻ ڄاول ٻار جو نسرڻ. جڏهن اهو بلڪل تڇ هجي ٿو.

Emergency **ايمرجنسي**. اوچتي بيماري. ضرب يا ڏک جنهن ڏانهن هڪدم ڌيان ڏيڻو پوي.

*Emetic **اِميٽڪ**. اهڙي دوا يا پاڻيٺ جيڪا پيٽ سان الٽي ڪرائي. تڏهن استعمال ڪرائجي ٿي جڏهن زهر واپرايو ويو هجي.

Enema **انيميا**. مقعد رستي پاڻيءَ جو ڳار وجهڻ / ڏيڻ جيڪو پيٽان ويهاري، حقنو

Epidemic **اِپي ڊيمڪ**. وبائي بيماري. اهڙي بيماريءَ جيڪا اوچتو ڪنهن وسندي يا علائقي جي ڪيترن ماڻهن کي هڪ ئي وقت متاثر ڪري وجهي.

Evaluation **اويليوئيشن**. ڪٿ ڪرڻ. اپياس رستي ڪنهن شئي، ڳالهه جو ملهه يا قدر معلوم ڪرڻ يا اهو فيصلو ڪرڻ ته اها ڪيتري قدر مڪمل ٿي چڪي آهي. عام طور تي ڪنهن ڪم يا اپياس شروع ڪرڻ کان اڳ يا هلندي ڪن رٿائن ۽ حالتن جو جائزو وٺڻ.

Evil eye **اِيول آءِ**. بدنظر، نظر لڳڻ. اهو پائڻ ته ڪن ماڻهن جي نظر ۾ ايتري طاقت ٿئي ٿي جو انهن جي ڪنهن کي ڏسڻ سان نقصان پهچي سگهي ٿو.

Exhaustion **ائگزاس شن**. تمام گهڻو ٿڪ، ساٺائي.

Expectorant **ايڪس پيڪٽورنٽ**. اهڙي دوا جيڪا کنگهائي ساهه نليءَ (ڦڦڙن، ٻرنڪائي وغيره) مان بلغم ڪڍڻ ۾ مددگار ٿئي.

Expiration date **ايڪسپائيريشن ڊيٽ**. دوا تي لکيل اهو مهينو ۽ سال جنهن کانپوءِ اها استعمال ڪرڻ صحيح ناهي هوندي. ان تاريخ گذري وڃڻ کانپوءِ اهڙيون دوائون ضايع ڪري ڇڏجن.

## F

Fahrenheit (F.) **فارن هائيٽ**. (ف) گرمي پد ماپڻ جو ايڪو. هڪ صحتمند انسان جي جسم جو عام رواجي گرمي پد، 98.6°F رهي ٿو. جڏهن ته پاڻي 32° ف تي جمي ۽ 212° ف تي ٽهڪي ٿو.

Family planning **فئملي پلاننگ**. ڪٽنبي رٿابندي. حمل روڪ طريقا استعمال ڪري، ٻار پيدا ڪرڻ يا نه ڪرڻ.

Farsighted **فارسائيٽيڊ**. ويجهي جي پيٽ ۾ پري واريون شيون چٽائپ سان ڏسي نه سگهڻ.

Feces **فِيسز**. ڪرفتي. غلاظت جيڪا آنڊن رستي جسم کان نيڪال ٿي وڃي ٿي.

Face to mouth **فيس ٽو مائوٿ**. ڪنهن هڪ فرد جي ڪرفتي جو ٻئي فرد جي وات تائين پهچڻ. ائين عام طور تي ڪاڏي ۽ پيتي جي شين ڪانسواءِ آڱرين رستي به ٿئي ٿو.

Fetoscope **فِيٽو اسڪوپ**. هڪ اهڙو اوزار جنهن رستي اڻ ڄاول ٻار جو ڳڀيرڻ ۾ آواز ٻڌي سگهجي.

Feotus (Fetus) **فِيٽس**. ڳڀيرڻ ۾ واڌ ڪندڙ ٻچو

Fever **فِي ور**. بخار، تپ، ڪٽس. جسم جو عام رواجيءَ کان وڌيڪ گرمي پد هجڻ.

First aid **فرسٽ ائڊ**. ترت طبي امداد. ڪنهن بيمار يا ڌڪيل جي هنگامي حالتن ۾ پرگهور لهڻ يا علاج ڪرڻ.

Fit **فٽ**. دورو. ڪنهن بيماريءَ جو اوچتو سنگين حملو جنهن سبب ڳيڙيون پون (جسم جا اهڙا جهٽڪا جنهن تي فرد ضابطو رکي نه سگهي) ۽ ورلي بي هوشي.

Flu **فلو**. ليس زڪام. بخار سان، سنڌن ۾ سور ورلي دست به ٿين.

Flukes **فلوڪس**. پنن جهڙا چپٽرا ڪينئان جيڪي جيري ۽ جسم جي ٻين حصن کي متاثر ڪن ۽ ڪيتريون بيماريون پيدا ڪن. رت جا ڪينئان (بلڊ فلوڪس) رت ۾ شامل ٿي شِسٽوسو ميائيسس جي بيماري پيدا ڪن.

Folic acid **فولڪ ائسڊ**. ساون پنن وارين ڀاڄين ۾ ٿيندڙ هڪ غذائي مادو

Follicles **فولائي ڪلس**. ننڍڙيون ڳوٿريون.

Fontanel **فانٽنئي نيل**. تارون. ٻارڙي جي مٿي جو نرم حصو

Fracture **فرئڪچر**. ڀڳل هڏو

Fright **فِرائيٽ**. شديد يا اوچتو ڊپ

## G

Gall bladder **گال بِلئڊر**. پتو. جيري سان ڳنڍيل هڪ ننڍڙي مشڪائين ڳوٿري. پتي جو ڪم پت گڏ ڪرڻ ۽ سٿين کاڌن کي هضم ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ آهي.

Gauze **گاز**. پٽي. نرم ڇدو اٽيل ڪپڙو پٽيءَ طور ڪم اچي.

Generic name **جينرڪ نيم**. دوا جو سائنسي نالو جيڪو براند يا تجارتي نالي کان مختلف ٿئي ۽ ٺاهيندڙ ڪمپني پاڻ رکي.

Genitals **جينائيٽلس**. پيدائشي سرشتي جا عضوا خاص طور تي جنسي.

Germs **جرمِس**. تمام ننڍڙا جيو جيڪي جسم ۾ واڌ ويجهه ڪري روڳي بيماريون پيدا ڪن. انهن کي مائڪرو آرگئنزمس به سڏجي.

Giardia **جيارڊيا**. خوردبيني پئراسائٽي جيو. آنڊن تي حملو ڪري گهمرا، گجيءَ وارا پيلا دست پيدا ڪن.

Glucose **گلوڪوس**. کنڊ. جو هڪ بلڪل سادو قسم جيڪو جسم ترت ۽ سولائيءَ سان استعمال ڪري سگهي ٿو، ميون ۽ ماکيءَ ۾ ٿئي، سفيد پائوڊر جي صورت ۾ بازار مان ملي ٿو ۽ نمڪول / او آر ايس ۾ به ٿئي ٿو.

Goiter **گائيٽر**. گچيءَ جي هيٺئين حصي تي سامهون ٿيندڙ سوڄ

جيڪا ڪاڌي ۾ آيوڊين جي کوٽ سبب پيدا ٿئي ٿي (ٿائرائڊ غدود جو وڌي وڃڻ).

Grain (gr.) **گرين**. اڌ رتي. تور جو هڪ ايڪو، جنهن جو بنياد ڪڻڪ جي هڪ داڻي تي آهي. هڪ گرين = 65 ملي گرام

Gram (gm.) **گرام**. تور جو هڪ ايڪو، هڪ آئونس ۾ 28 گرام ۽ هڪ ڪلوگرام ۾ 1000 گرام ٿين.

Groin **گرائن**. ڇڏو، ٽرو. جسم جو اهو اڳيون هيٺيون حصو جتي ٽنگون پاڻ ۾ ملن.

Gut **گٽ**. آنڊا

Gut thread or gut suture material **گٽ ٿريڊ يا گٽ سُچر مٽيريل**. هڪ مخصوص قسم جو ڌاڳو جيڪو ڪن قسمن جي زخمن خاص طور تي ويم سبب ٿيندڙ ڏر کي سبڻ لاءِ استعمال ٿئي. هن قسم جو ڌاڳو آهستي آهستي جسم ۾ جذب ٿي وڃي ٿو، جنهن سبب ٽاڪا کيرائڻ جي ضرورت نه ٿي پوي.

# H

Hare lip **هَيئر لِپ** مٿئين چپ جو چير جيڪو وات ڪانوني مٿي نڪ تائين ٿئي (جيئن سهي ۾) کي ٻار سهي چپ چمن.

Health worker **هيلٿ ورڪر**. هڪ اهڙو فرد جيڪو پنهنجيءَ وسنديءَ کي صحتمند رکڻ لاءِ پاڻ جاڪوڙي.

Heart burn **هَرٽ برن**. اڳاري، ڇار اوڳرائي. ڇاتي جي هيٺين حصي يا معدي جي مٿئين حصي ۾ ساڙي جو احساس.

Hemorrhage **هيمو رَيج**. رت هير. رت جو خطرناڪ انداز ۾ وهڻ.

Hemorrhoids (Piles) **هَمّر رائڊ**. موڪا. مقعد جي ڪناري يا منجهس پيدا ٿيندڙ ننڍڙيون تڪليف ڏيندڙ ڳوڙهيون جيڪي اصل ۾ سجيل يا ڦنڊيل وئريڪوس (Varicose) نسون ٿين.

Herb **هرب**. جڙي ٻوٽي. اهڙا ٻوٽا يا ٻوٽيون جيڪي خاص طور تي طبي يا علاج طور استعمال ڪجن.

Hereditary **هيريڊيٽري**. موروثي، والدين کان اولاد ۾ منتقل ٿيندڙ.

Hernia (rupture) **هَرنيا**. ڇن. پيٽ کي ڍڪيندڙ مشڪن جو ڦاٽڻ يا جنهن مان آنڊي جو وڪڙ لهي، چمڙيءَ هيٺان ڳوڙهو پيدا ڪري وجهي.

Hex **هيڪس**. جادو، ٽوڻو ڦوڻو.

History (medical history) **هسٽري (ميڊيڪل هسٽري)** مريض کان سوالن رستي بيماري بابت معلوم ڪرڻ ته اها ڪيئن شروع ٿي. ڪڏهن حالت بهتر ٿئي ۽ خراب ٿي وڃي ٿي. ڪهڙين ڳالهين سبب حالت بهتر ٿئي ٿي، آيا ڪٽنب، وسندي يا ڳوٺ جي ٻين فردن کي به اها بيماري آهي وغيره.

Hives **ڌپڙ**.

Hormones **هارمونس**. جسم ۾ پيدا ٿيندڙ ڪيميائي رطوبتون جيڪي مخصوص ڪم ڪن جهڙوڪ: ايسٽروجن ۽ پروجيس ٽيران هارمون ماهواري هلائين ۽ حمل ٿيڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

Hygiene **هائي جِن**. ذاتي صحت صفائي جا اهڙا طريقا اختيار ڪرڻ جن سان سٺي ۽ صحتمند زندگي گذري.

*Hypertension **هائپرٽينشن**. هاءِ بلڊ پريشر. رت جو وڌيل داٻ/ دٻاءُ.

Hyperventilation **هائپر وينٽيليشن**. گهڻا تڪڙا ۽ گهرا ساهه کڻڻ. ائين ڊپ جي حالت ۾ ٿئي.

*Hypochondria **هائپوڪانڊريا**. بيمار ٿيڻ جو وهم. سوداءُ ۽ ان سبب پريشاني.

Hysteria **هِسٽي ريا**. (1) عام زبان ۾ شديد پريشاني. خوف ۽ جذباتي. پريشانيءَ جي حالت (2) طبي لحاظ کان ڪنهن پو يا عقيدي سبب بيماريءَ جي نشاني

# I

Immunizations (Vaccinations) **اِميونائي زيشن وئڪسينيشن**. اهڙيون دوائون جيڪي ڪن مخصوص بيمارين جهڙوڪ: خناق (ڊپٿيريا (diphtheria))، وڏيءَ کنگهه / ڪرنگهي (whooping cough)، جهٽڪن جي بيماريءَ (tetanus)، پوليءَ (ٻارن جي فالج) سلهه، ارڙي ۽ ماتا کان محفوظ رکن.

Infection **اِنفيڪشن**. هڪ اهڙي بيماري جيڪا بئڪٽيريا ۽ ڪن روڳي جيوڙن سبب ٿئي. اهڙو انفيڪشن / بيماري جسم جي رڳو ڪنهن هڪ حصي (جهڙوڪ آڱر پڇي پوڻ) يا سڄي جسم کي متاثر ڪري وجهي ٿي (جهڙوڪ ارڙي).

Infectious disease **اِنفيڪشس ڊزيز**. وبائي. وچڙندڙ بيماري. اهڙي بيماري جيڪا سولائيءَ سان وچڙي يا پکڙجي سگهي (هڪ فرد کان ٻئي فرد تائين پکڙجندڙ بيماري).

Inflammation **اِنفلميشن**. سوزش. جسم جو اهڙو حصو ڳاڙهو، گرم ۽ تڪليف ڏيندڙ ٿي وڃي ٿو عام طور تي ڪنهن انفيڪشن سبب ٿئي ٿو.

Insecticide **انسيڪٽي سائيڊ**. جيتمار دوا. ڊي ڊي ٽي ۽ لنڊئين. جيت مار دوائون آهن.

*Insomnia **اِنسوم نيا**. هڪ اهڙي حالت جڏهن ڪو فرد ننڊ ڪري نه سگهي. چاهيندي به ننڊ نه اچيس جنهن جي کيس ضرورت به محسوس ٿئي.

Insulin **اِنسولِن**. هڪ اهڙي رطوبت (هارمون) جيڪا لب لبه پيدا ڪري. جنهن جو ڪم رت ۾ کنڊ جي مقدار تي ضابطو رکڻ آهي. ذيابيطس ۾ مبتلا فردن کي ورلي انسولن جي انجيڪشن هڻائڻي پوي ٿي.

Intestinal parasites **اِنٽسٽائي نل پئراسائيٽ**. ڪينئان ۽ ٽڇ جيو جيڪي ماڻهن جي آنڊن تائين پهچي بيماريون پيدا ڪن.

Intestines **اِنٽسٽائينس**. آنڊا. پيٽ ۾ ڪاڌي جو نڙي جهڙو عضوو جيڪو آخر ۾ غلاظت، مقعد رستي خارج ڪري.

Intramuscular (IM) injections **اِنٽرامسڪيولر (آءِ ايم) انجيڪشن**. مشڪ/ گوشت ۾ لڳندڙ انجيڪشن. عام طور تي ڏوري يا ٻنڊڻ ۾ هڻئي وڃي. رڳ واري (IV) جي ابتڙ جيڪا سنئين سڌي رڳ/ نس ۾ هڻجي.

Intussusceptions **انٽوسَسيپ شن**. آنڊي جي هڪ حصي جو ٻيءَ واري حصي تي چڙهي يا وري وڃڻ جنهن سبب عام طور تي خطرناڪ ٻنج/ روڪ پيدا ٿئي.

Iris **آئرس**. پتلي. ماڪي (pupil) جي چوگرد اک جو رنگين حصو.

# J

Jaundice **جانڊِس**. ڪامڻ، يرقان، سائي. اکين ۽ چمڙيءَ جو رنگ پيلو ٿي وڃڻ جيڪا جيري، پتي، لب يا رت جي بيماري جي هڪ نشاني آهي.

# K

*Keratomalacia **ڪيراٽوما لئشيا**. اک جو ڏنڊلو ۽ ڦلهڙو ٿي اندو ٿي وڃڻ، ائين وٽامن اي (A) جي کوٽ سبب ٿئي ٿو.

Kidneys **ڪڊنيز**. بڪيون، گردا. چيلهه جي هيٺئين حصي وٽ وڏا چوئنرن جهڙا عضوا، رت مان غلاظتون ڇاڻي پيشاب جي صورت ۾ پيدا ڪن.

Kidney stones **ڪڊني اسٽونس**. پٿريون. بڪين ۾ پيدا ٿي، پيشاب نليءَ ۾ داخل ٿيندڙ ننڍڙيون پٿريون. چيلهه جي هيٺين حصي، ڪکين، پيشاب نلي يا پيٽ جي هيٺئين حصي ۾ شديد سور پيدا ڪن. مثاني ۾ هجن ته پيشاب نلي بنجي پيشاب جي وهڪ کي بند يا محال ڪن.

Kilogram (kg.) **ڪلوگرام**. هڪ هزار گرام. هڪ ڪلو، 2 پائونڊن کان ٿورو سوايو ٿئي.

Kwashiorkor (wet malnutrition) **ڪواشيئور ڪور (ويٽ مال-نيوٽريشن)**. کاڌي رستي گهربل مقدار ۾ پروٽين نه کائڻ سبب، سخت تڪليف ۾ مبتلا ٿيڻ. ڪواشيئور ڪور ۾ مبتلا ٻار جا پير، هٿ ۽ منهن سجيل رهن ته زخم تان ڇلر لهن.

# L

Labour **ليبر**. ويم جا سور. ڳيپرڻ جو اوچتو ڪوئجڻ يا پيڪوڙجڻ جنهن جو مطلب ته ٻار ڄمڻ وارو آهي.

Larva (larvae) **لاروا (لاروي)**. سوٻٽ. ڪيترن جيتن ۽ پيراسائيٽن جي آني مان ڦٽندڙ ڪينئي جهڙو ٻچو، وڏو ٿي شڪل بدلائي ڇڏي ٿو.

Latrine **ليٽرن**. پائخانو. زمين ۾ کڏ کوٽي اها پائخاني طور استعمال ڪرڻ

Laxative **ليڪزي ٽو**. قبض ڪشا. قبضي ختم ڪندڙ دوا جيڪا ڪرڦتي نرم ڪري هر هر پيٽان ويهاري.

Ligaments **لِگمينٽس**. ٻنڌيون. سنڌن ۾ موجود مضبوط ڌوريون جن جو ڪم سنڌن کي ٽانيڪو رکڻ آهي.

*Lingual **لِنگيوئل**. زبان سان واسطو رکندڙ

Liter (1.) **لٽر**. ماپ جو ايڪو جيڪو اٽڪل هڪ ڪوارٽر جي برابر ٿئي. پاڻيءَ جو هڪ لٽر هڪ ڪلوگرام ٿئي.

Liver **لِور**. جيرو، جگر. ساڄين پاسرين هيٺان هڪ وڏو عضوو جنهن جو ڪم رت صاف ڪرڻ ۽ زهر خارجڻ آهي.

Loss of consciousness **لاس آف ڪانشس نيس**. بيهوشي. هڪ بيمار يا ڏڪيل جي اهڙي حالت جڏهن هو سنل لڳي ۽ ڪيس جاڳائي نه سگهجي.

*Lubricant **لُبري ڪئنٽ**. مَڪُ. ڪو به اهڙو تيل يا سٽپ جيڪو مٿاڇرن کي ترڪڻو ڪري.

Lymph nodes **لِمف نوڊس**. ڳِنر. جسم جي مختلف حصن ۾ چمڙيءَ هيٺان. ننڍڙيون ڳوڙهيون جن جو ڪم بيماريون پيدا ڪندڙ جيون کي جهلڻ / ڦاسائڻ آهي منجهن بيماري / انفيڪشن ٿي پوي ته سور ڪن ۽ سڄي پون، سلهه ۽ ڪينسر جي حالت ۾ عام طور تي سڄيل رهن پر منجهن سور نه ٿئي.

Lyophilized **لايوفي لائيزڊ**. پينل، پائوڊر ٿيل. انجيڪشن جي دوا ٺاهڻ جو طريقو جنهن ڪري اها ٿڌي رکڻي نٿي پوي.

# M

Malnutrition **مَال نيوٽريشن**. جسم جي گهرج کان گهٽ/ اڻپوري کاڌ خوراڪ کائڻ سبب پيدا ٿيندڙ صحت جا مسئلا.

Marasmus (dry malnutrition) **مئرس مس (ڊراءِ مال نيوٽريشن)**. بک مرڻ. اهڙو فرد ڏٻرو، گهٽ وزن وارو ۽ عام طور تي سندس پيٽ نڪتل رهي ٿو.

Mask of pregnancy **ماسڪ آف پرگ نينسي**. ڏاڏيون، ڇانئون. منهن، ڇاتين يا پيٽ جي وچتي گهرا يا زيتوني رنگ جا نشان جيڪي حامله عورتن ۾ عام پيدا ٿين. حمل سبب پيدا ٿيندڙ ڇانوان.

Mastitis (breast abscess) **ماس ٽائيٽس، بريسٽ ائبسيس**. ارهه جو انفيڪشن/ زخم يا سوزش. عام طور تي ڊڪ ڌارائڻ جي پهرين هفتن يا مهينن دوران ٿي پوندڙ، جنهن سبب ارهه جو اهو حصو گرم، ڳاڙهو ۽ سڄي پوي ٿو.

Membrane **ميمبرين**. پردو، جهلي، تهه، پوش. هڪ اهڙو سنهو ۽ نرم تهه جيڪو جانورن يا ٻوٽن جي ڪن حصن لاءِ استر ٿي ڪم اچي.

Menopause (Climacteric) **مينوپاز (ڪلاءِ مئڪٽيرڪ)**. سنيجڻ. اهو وقت جڏهن کان عورت کي قدرتي طور تي هميشه لاءِ ماهواري اچڻ بند ٿي وڃي ائين عام طور تي 40 ۽ 50 سالن جي وچ ۾ ٿئي.

Menstrual period, menstruation **مينسٽرو ئل پيرڊ. مينس ٽرو ئيشن**. ماهواري، حيض

Mental **مينٽل**. ذهن، دماغ سان واسطو رکندڙ

Microorganism **مائڪرو آرگئنزم**. اهڙو تچ جاندار / ٻوٽو يا جيو جيڪو رڳو خوردبين رستي ڏسي سگهجي.

Microscope **مائڪرو اسڪوپ**. خوردبين. هڪ اهڙو بلورن وارو اوزار جيڪو تچ شين کي وڏو ڪري ڏيکاري.

Microscopic **مائڪرو اسڪوپڪ**. تچ ڪا به ايتري ننڍڙي شئي جيڪا خوردبين ڪانسواءِ ڏسي نه سگهجي.

Migraine **مِگرئين**. اڌ مٿي جو سور. مٿي جو سخت ڏونڌڙ سور، ورلي مٿي جي رڳو هڪ پاسي پوندڙ، عام طور تي الٽي به ڪرائي.

Milligram (mg.) **مِلي گرام**. هڪ گرام جي هڪ هزارين پتي.

Milliliter (m l) **مِلي لٽر**. هڪ لٽر جي هڪ هزارين پتي.

Minerals **مِنرلس**. معدنيات. اهڙا سادا ڌاتو يا ٻيون شيون جن جي

جسم کي ضرورت ٿئي، جھڙوڪ: فولاد، ڪئلشم ۽ آيوڊين

Miscarriage (Spontaneous abortion) **مس ڪئريج (اسپانٽئنيس ابارشن)** ڪوساڻ يا ڇڪي اچڻ. ڳيپرڻ ۾ وڌندڙ ٻچي جي مري وڃڻ ڪانپوءِ ورلي گھٽي رت وهي ته رت جا ڏڳ به ٿين.

Mongolisms (Down's syndrome) **منگولزم (ڊائونس سنڊروم)**. پيدائشي بيماري جنهن سبب ٻار ذهني سست، اکيون ٽيڏيون، منهن گول، موڳو، هٿ وڏا ۽ آڱريون ننڍيون هجن ٿيون.

Morning sickness **مارننگ سڪنيس**. اُبڪا. حمل جي شروعاتي مهينن ۾ خاص طور تي صبح جو ٿيندڙ اوڪارا ۽ الٽي.

Mouth to mouth breathing **مائوٿ ٽو مائوٿ بريٿنگ**. وات سان وات ملائي ساهه کڻائڻ. هڪ اهڙو فرد جنهن ساهه کڻڻ بند ڪري ڇڏيو هجي، تنهنکي وري ساهه کڻائڻ جو مددگاري طريقو.

mucus **ميو ڪس**. لعاب. نڙگهٽ، نڪ، معدي، آنڊن ۽ فرج جي استر کي گهميل رکندڙ ۽ تحفظ ڏيندڙ ترڪڻو، ٿلهو پاڻيٺو استر.

# N

Narrow spectrum antibiotic **نئرو اِسپيڪٽرم ائنٽي بايوٽڪ**. مختلف قسمن جي محدود بئڪٽيريائن لاءِ موثر دوا.

Nasal **نئزل**. نڪ سان واسطو رکندڙ ، نڪائون

Nausea **نازيا**. اوڪارا. پيٽ جي اهڙي گڙٻڙ/ خرابي جنهن سبب الٽيءَ ڪرڻ جو احساس ٿئي.

Navel **نئول**. ڌن. پيٽ جي اهو وچون حصو جنهن سان ناڙو ڳنڍيل رهي.

Nerves **نروز**. تنتون. جيڪي سنهيون، ڌاڳن جهڙيون دماغ کان جسم جي هر هڪ حصي تائين پکڙيل ٿين ۽ احساس ۽ چرپر جا پيغام پهچائين.

Non-infectious disease **نان انفيڪ شس ڊزيز**. اڻ وچڙندڙ بيماري. اهڙي بيماري جيڪا هڪ فرد کان ٻئي فرد کي وچڙي نه سگهي.

Normal **نارمل**. عام رواجي، فطرتي، معمولي، هڪ اهڙي عام شئي جنهن ۾ ڪا به خرابي نه هجي.

Nutritious **نيوٽري شس**. مقوي، طاقت بخش. کاڌا جن ۾ جسم جي ناهه نوهه ڪرڻ، صحتمند رکڻ ۽ بيمارين سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت ٿئي.

# O

Obstruction **آبسٽرڪ شن**. روڪ، رڪاوٽ، بنج. جڏهن آنڊي ۾ روڪ پيدا ٿئي ته اها هنگامي حالت سمجهي ويندي آهي

Ointment **آئنٽ مينٽ**. ملم، مرهم.

Ophthalmic **آفٿئل مِڪ**. اک جو.

Oral* **اورل**. وات رستي. اهڙي دوا جيڪا وات رستي واپرائجي.

Organ **آرگن**. جسم جو ڪو به اهڙو حصو جيڪو پاڻ مڪمل هجي ۽ ڪو مخصوص ڪم ڪري جهڙوڪ: ڦڦڙ ساهه کڻڻ جا عضوا آهن.

Organism **آرگئنزم**. جاندار (جانور، ٻوٽا، جيوت)، ساهوارو.

Otic **اوٽڪ**. ڪنن سان واسطو رکندڙ.

Ounce **آئونس**. ماپ جو ايڪو جيڪو 28 گرامن جي برابر ٿئي.

هڪ پائونڊ = 16 آئونس.

Ovaries **اووَ ريز**. آنيدانيون. عورت جي پيٽ ۾ ڳيپرڻ پرسان ننڍڙيون ڳوٿريون جيڪي آنا پيدا ڪن ۽ اهي مرد جي تخمي جيو سان ملي ڳپ ٿاهين.

Oxytocics **آڪسي ٽوسڪس**. اهي خطرناڪ دوائون جيڪي ڳيپرڻ ۾ منجهس موجود رت نلين کي پيڪوڙي بند ڪري ڇڏين. رڳو تڏهن استعمال ڪجن جڏهن وير ڪانپوءِ گهٽي وهندڙ رت بند ڪرڻي هجي.

# P

Palate **پئلٽ**. تارون. وات جي ڇت يا مٿيون حصو.

Pancreas **پئن ڪرياس**. لب لبه / شيردان. معدي ۾ هيٺ کاٻي پاسي هڪ عضوو، جيڪو انسولين پيدا ڪري ٿو.

Pannus **پئنس**. اک جي ڪن بيمارين جهڙوڪ: ڪڪري (trachoma) سبب قرنيا جي مٿئين ڇيڙي وٽ ننڍڙا رت واهڻ ظاهر ٿيڻ.

Paralysis **پئرا لائي سِس**. فالج، اڌ رنگو. جسم جي ڪنهن هڪ پاسي يا سڄي جسم جي چرڻ پرڻ جي صلاحيت ختم ٿي وڃڻ.

Parasites **پئرا سائيٽس**. اهڙا جيو جيڪي ٻئي ڪنهن انسان يا جانور جي جسم اندر يا مٿان رهن ۽ نقصان پهچائين، جهڙوڪ: آنڊن جا ڪينئان، سيڪيون، جونءِ، جوا، چچڙ ۽ اميبيا.

Parenteral **پئرنٽرل**. وات بجاءِ انجيڪشن رستي.

Pasteurization **پاسچوراءِ زيشن**. ڪنهن مخصوص گرمي پد (60°C) اٽڪل 30 منٽن تائين، کير يا ٻيون پاڻيٺون ٿهڪائڻ ته جيئن منجهن موجود روڳي بئڪٽيريا ناس ٿي وڃن.

Pelvis **پيل وِس**. ڍونگريءَ جا هڏا.

Peritoneum **پيري ٽو نيم**. شڪمي پڙدو. آنڊن ۽ جسم جي ديوار وچ ۾ هڪ سنهو تهه. اها ڳوٿري جنهن ۾ آنڊا ٿين.

Peritonitis **پيري ٽو نائيٽس**. شڪمي پڙدي جي انتهائي خطرناڪ سوج جنهن سبب پيٽ پاڻي جيان سخت ٿي وڃي ٿو ۽ اهڙو فرد سخت سور ۾ مبتلا رهي ٿو، خاص طور تي جڏهن هو ٽنگون سڌيون ڪري سمهڻ چاهي ٿو.

Pernicious anemia **پرنيشس انيميا**. وٽامن بي 12 جي کوٽ سبب رت جي پوٽائي جو ورلي ٿيندڙ هڪ قسم. جڏهن ته پرنيشس جي معنيٰ آهي، هاجيڪار

Petroleum jelly (Petroleum, Vaseline) **پئٽروليم جيلي (پئٽرولئم، وئزلين)**. گريس جهڙي جيلي جنهن مان چمڙيءَ تي هڻڻ لاءِ ملم ٺاهجي.

Pharmacy **فارمئسي**. هڪ اهڙو دڪان جتي دوائون ۽ صحت سنڀال جون ٻيون شيون وڪامجن.

Phlegm **فِليم**. بلغم. ڦڦڙن ۾ غير رواجي مقدار ۾ پونئدار لعاب جو پيدا ٿيڻ جنهنکي کنگهي خارج ڪرڻ ضروري ٿئي.

Piles **پائِلس**. ڏسو Hemorrhoids

Pimples **پمپلس**. ڏسو Acne

Placenta (afterbirth) **پلئہ سنٽا (آفٽر برٿ).** اؤر. ڳيبرڻ جو اندريون ڳهرو اسفنجي استر جنهن رستي ٻار، ماءُ جي جسم سان ڳنڍيل رهي. ٻار جي ڄمڻ کانپوءِ اؤر عام طور تي 15 منٽن کان اڌ ڪلاڪ اندر ٻاهر نڪري اچي ٿي.

Placenta previa **پلئہ سنٽا پريوِيا.** مُنهڙي اؤر. اها حالت جڏهن اؤر ايتري هيٺ هجي جو ڳيبرڻ جي منهن کي بند ڪري ڇڏي جنهن سبب خطرناڪ نموني رت وهڻ جو وڏو امڪان رهي ٿو. حمل جي پڇاڙي ۾ ٿيندڙ رت هير 'پلئسينٽا پريويا' جي نشاني ٿي سگهي ٿي. اهڙين عورتن کي هڪدم اسپتال نيئڻ گهرجي.

Plantain **پلئن ٽئن.** هڪ اهڙي قسم جو ڪيلو جنهن ۾ جهجهو نشاستو ۽ تاندورو ٿئي. جڏهن سائو هجي تڏهن عام طور تي رڌي کاڌو وجي ٿو.

Pollen **پولن.** ٻوُر، تخم گلِ. ٻيجي ٻوٽن جي گلن ۾ پيدا ٿيندڙ سنهي دز. جيڪي فرد ٻُور لاءِ حساس/ ائلرجڪ ٿين تنڪي سال جي اهڙن ڏينهن ۾ جڏهن ٻوٽا جهجهو تخم پيدا ڪن تڏهن ڪاهي تپ (Hay fever) ٿي پوي ٿو.

Postpartum **پوسٽ پارٽم.** ويم کانپوءِ

Postpartum hemorrhaging **پوسٽ پارٽم هيمورئجنگ.** ويم کانپوءِ ماءُ کي ٿيندڙ گهڻي رت هير.

Power of suggestion or power of belief **پاور آف سجيسشن يا پاور آف بليف.** عقيدو، انڌو ويساهه. مثال طور: مريض جو ويساهه ٿئي تہ علاج کانپوءِ هو صحتياب ٿي ويندو پوءِ پلي تہ اهڙي علاج ۾ شفا نہ بہ هجي.

Precaution **پري ڪاشن.** احتياط، اپاءَ. ڪنهن بہ نقصان پهچڻ کان اڳ ورتل اپاءَ، ڪنهن بہ هنگامي حالت جي پيدا ٿيڻ کان اڳ تياري ڪرڻ.

Pregnancy **پرِگ نئنسي.** حمل. حمل جو عرصو، ڳورهائپ، (عام طور تي 9 مهينن جو) جيستائين عورت جي پيٽ ۾ ٻار رهي.

Premature baby **پري مئچوئر بئبي.** ڪچو ٻار. حمل جي 9 مهينن کان اڳ ڄاول ٻار ۽ وزن ۾ 2 ڪلوگرامن کان گهٽ.

Presentation of an arm **پريزنٽيشن آف آرم.** ٻار جي ڄمڻ جي غير رواجي حالت، جنهن ۾ پهريائين ٻار جو هٿ ٻاهر اچي. اها هڪ هنگامي حالت آهي، جنهن لاءِ ڊاڪٽر جي ضرورت پوي ٿي.

Prevention **پرِي وينشن.** بچاءُ، اپاءُ. ڪنهن بہ بيماري پيدا ٿيڻ کان اڳ ان جو بچاءُ ڪرڻ.

Prolapse **پرولئپس.** پَڇو لهي پوڻ. جسم جي ڪنهن بہ حصي جهڙوڪ: سفري يا ڳيبرڻ جو پنهنجيءَ جاءِ تان لهي يا ٿڙي وڃڻ.

Prophylactic **پرو فائيلئڪٽڪ.** بچاءُ، تحفظ ڏيندڙ. هن اصلاح جي لفظي معنيٰ آهي بچائيندڙ. جڏهن تہ ڪندوم/ ڦوڪٽي کي بہ ورلي پروفائيلئڪٽڪ سڏجي.

Prostate gland **پراسٽيٽ گلئنڊ.** مرداني پيشاب نليءَ جي پاڙ وٽ هڪ مضبوط مشڪائون غدود جيڪو وڏيءَ عمر جي مردن ۾ عام طور تي وڏي پيشاب ڪرڻ ۾ تڪليف جو سبب بڻجي ٿو.

Protective food **پروٽئڪِٽو فوڊ.** وٽامنن ۽ معدنيات سان ڀرپور غذا جيڪا جسم کي صحتمند بڻائي ۽ بيمارين سان مقابلي ڪرڻ جي سگهہ پيدا ڪري.

Proteins **پروٽينس.** جسم ٺاهيندڙ غذا جيڪا صحيح واڌ ڪرائي ۽ سگهہ ڏئي.

Pterygium **ٽيري جيئم.** هڪ اهڙي ماسدار واڌ جيڪا اک جي ڇيڙي کان آهستي واڌ ڪري قرنيہ ڏانهن وڌي.

Pulse **پلس.** نبض. ڪنهن انسان جو هڪ منٽ ۾ دل جو ڌهڪو

Pupil **پيو پل.** ماڻڪي. اک جو گول سوراخ يا پتليءَ جو ڪارو وچون حصو، طاقتور روشني ۾ سسي ۽ جهڪي روشني ۾ ڦندبي وجي.

Purge **پرج.** طاقتور جلاب جيڪي دست ڪري وجهن.

## R

Rate **رئٽ.** شرح، تعداد، رفتار. ڪنهن مقرر وقت ۾ ڪا ڳالهہ ڪيترا ڀيرا ٿئي ٿي.

Rebound pain **رِي بائونڊ پئن.** پيٽ ۾ پوندڙ اهڙو سخت سور تڏهن پوي ٿو جڏهن هٿ سان پيٽ کي آهستي آهستي پر سختيءَ سان دٻائي هڪدم هٿ پري ڪجي. اهڙو سور اڪيوٽ ائبڊامن جي نشاني آهي.

Rectum **ريڪٽم.** سفرو. وڏي آنڊي جو مقعد وٽ ڇوڙ وارو حصو.

Reflex **رِف ليڪس.** خود مختيار رد عمل يا حرڪت، جيڪا مريض جي خواهش بنان ٿئي.

Rehydration Drink **ري هائڊريشن ڊرنڪ.** اهڙي پاڻيٺ جيڪا جسم جو سوڪهڙو / پاڻيني خشڪي ختم ڪري. اهڙي پاڻيٺ اوٻاريل پاڻي، لوڻ ۽ کنڊ يا رٻ مان تيار ڪئي وجي ٿي.

Resistance **ري زس ٽنس.** ڪنهن نقصان پهچائيندڙ شئي خلاف بچاءُ يا مزاحمت پيدا ڪرڻ جيڪا عام طور تي نقصان پهچائي يا ماري سگهي. ڪيترن قسمن جي بئڪٽيريا ۾ ڪن قسمن جي ائنٽي بايوٽڪ دوائن لاءِ جڏهن مزاحمت پيدا ٿي وجي تڏهن اهي اثر نہ ٿيون ڪن.

Resource **ريسورس.** وسيلو، ذريعو. ڪنهن شئي ٺاهڻ يا ڪرڻ لاءِ گهربل مواد يا وسيلو. انسان، زمين، جانور، پئسو، مهارت ۽ ٻوٽا صحت کي بهتر ڪرڻ جا وسيلا آهن.

Respiration **رس پائريشن.** ساهہ کڻڻ. ساهہ سرشتي ۾ ساهہ نليون، ڦڦڙ ۽ ٻيا عضوا اچي وجن ٿا.

Respiration rate **رس پائريشن ريٽ.** هڪ منٽ ۾ ساهہ کڻڻ جو انگ، تعداد

Retardation **رٽارڊئشن.** سوچ. عمل يا ذهني ۽ جذباتي اوسر ۾ غير معمولي ڍرائپ.

Rhinitis **رَينائي ٽس.** نڪ جي استر جي سوزش عام طور تي ائلرجي جهڙوڪ ڪاهي تپ سبب ٿئي.

Risk **رسڪ.** خطرو، جوکو، ڏک، يا خطري جو امڪان.

Rotation of crops **روٽيشن آف ڪراپس.** فصلن جي واري ڦيري. ساڳئي زمين تي هڪ ٻئي پٺيان مختلف فصل پوکڻ تہ جيئن زمين هر سال وڌيڪ زرخيز ٿيندي رهي.

Rupture **ڏسو** Hernia

## S

Sanitation **سئني ٽيشن.** عوامي سطح تي بيماري روڪڻ لاءِ صفائي سترائي وڏائڻ ۽ عوامي جاين کي گند ڪچري کان آجو رکڻ.

Scrotum **اسڪروٽم.** اندڪوش. خصين جون ٿيلهيون، مرد جي ٽنگن وچم ڳوٿريون جن ۾ خصيا ٿين.

Sedative **سيڊي ٽِو.** ڳهرَ، غشي يا ننڊ ڪرائيندڙ دوا

Septicemia **سيپٽي سيميا.** رت جو انفيڪشن، رت جو زهرجڻ

Sexually transmitted disease (STD) **سيڪ شيوئلي ٽرانسمٽيڊ ڊزيز.** جنسي وچڙندڙ بيماري. جيڪا جنسي لاڳاپي سبب ٿئي ۽ پکڙجي.

Shock **شاڪ.** سڪتو. هڪ خطرناڪ حالت جنهن ۾ سخت ڪمزوري يا بيهوشي ٿئي، ٿڌا پگهر اچن ۽ نبض تيز ۽ هيٺي هلي. ائين سوڪهڙي، رت هير، ڏڪ، سڙي پوڻ يا ڪنهن سخت بيماري سبب ٿئي ٿو.

Side Effects **سائيڊ افيڪٽ.** اگرا اثر. ڪنهن دوا جي استعمال سبب پيدا ٿيندڙ مسئلا.

Signs **سَائِنس.** نشانيون / علامتون ڪنهن فرد کي تپاسڻ دوران اهي ڳالهيون ۽ حالتون جاچڻ ته ڪيس ڪهڙي بيماري آهي. هن ڪتاب ۾ علامتون يا اهي مسئلا/ تڪليفون جيڪي هڪ فرد محسوس ڪري ٿو اهي نشانين ۾ شامل ڪيون ويون آهن.

Sinus trouble (sinusitis) **سائينِس ٽربل (سائنوسائيٽس).** 'سائنس' هڏي جا نڪ ۾ ڪلندڙ ڊانڊيا حصا. جڏهن ته سائنو سائيٽس سڏجي اکين جي هينيان ۽ مٿان ٿيندڙ سوزش کي جيڪا سور پيدا ڪري.

Soft drinks **سافٽ ڊرنڪس.** هلڪا مشروب جهڙوڪ: ڪولا وغيره جن ۾ الڪوهل نه ٿئي.

Soft Spot **سافٽ اسپاٽ.** ڏسو Fontanel

Spasm **اسپازم.** ڳڍڙي. مشڪ جي اوچتي ڇيڪوڙ جيڪا انسان جي وس ۾ نه هجي. آنڊي جي ڳڍڙيءَ سبب پيٽ ۾ وٽ پون يا سور ٿئي، ساهه نلين ۾ ڳڍڙين سبب دم ٿئي، جاڙيءَ ۽ ٻين مشڪن جي ڳڍڙين سبب ٽيٽنس جي بيماري ٿئي ٿي.

Spastic **اسپاسٽڪ.** دماغ کي نقصان سبب، مشڪن جي پراڻي غير رواجي ڇيڪوڙ. هن بيماري سبب ٻارن جون ٽنگون ڪينچي وانگر تي هڪ ٻئي تي وري وجن ٿيون.

Spleen **اِسپلين.** تري، تلي. پيٽ ۾ کاٻين پاسرين هيٺان مٺ جيترو عضوو، جنهن جو ڪم رت ناهڻ ۽ ڇاڻڻ ۾ مدد ڪرڻ آهي.

Spontaneous abortion ڏسو Miscarriage

Sprain (Strain) **اسپرئن.** موچ.

Sputum **اسپيو ٽم.** لعاب ۽ پونءِ (بلغم)، جيڪو ماڻهو کنگهي ڦڦڙن ۽ ساهه ناليءَ مان خارج ڪري.

Starches **اسٽارچز.** نشاستا. توانائي ڏيندڙ کاڌا جهڙوڪ: مڪئي، چانور، ڪٽڪ ۽ پٽاٽا وغيره.

Sterile **اسٽرائل** 1. هر قسم جي روڳي جيو کان مڪمل پاڪ صاف 2. خَصي. ٻار پيدا ڪرڻ جي هميشه لاءِ صلاحيت ختم ڪري ڇڏڻ.

Sterilization **اِسٽر لائيزيشن.** اوزارن / سامان ۽ بوتلن وغيره کي اوون رستي اوٻارڻ يا ڪاڙهڻ ته جيئن اهي پاڪ صاف ٿي وڃن. (2) ڪنهن به مرد ۽ عورت جي دائمي طور تي ٻار پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ختم ڪري ڇڏڻ.

Stethoscope **اِسٽيٿو اسڪوپ.** جسم جي آوازن جهڙوڪ دل جي ڌڪي ٻڌڻ جو اوزار

Stomach **اِسٽمڪ.** معدو. پيٽ ۾ ڳوٿري جهڙو عضوو جتي کاڌو هضم ٿئي. عام طور تي سڄي پيٽ لاءِ استعمال ٿيندڙ اصطلاح.

Stools **اسٽولس.** ڪرفتي ڏسو Feces

Stroke (apoplexy, cerebro-vascular accident) **اسٽروڪ (ائپو ليڪسي، سيربرو - وئسڪيولر، ائڪسيڊنٽ).** دماغي فالج، هوش، حواس يا چرڻ پرڻ جي صلاحيت اوچتو ختم ٿي وڃڻ جنهن جو سبب رت وهڻ يا دماغ ۾ رت جو دڳ بہ ٿي سگهي ٿو. وڌيڪ ڏسو heat stroke (ص. 81)

Sty **اِسٽاءِ.** آنڙي. عام طور تي ڇپر جي ڇيڙي/ ڪنڊ وٽ ڳاڙهي سجيل ڳوڙهيءَ جو انفيڪشن سبب پيدا ٿيڻ.

Sucrose **سُڪ روز.** ڪمند ۽ گجر مان حاصل ٿيندڙ کنڊ. گلوڪوس جي پيٽ ۾ جسم لاءِ وڌيڪ پيچيده ۽ استعمال ۾ ڏکي ٿئي.

Sugars **شگرس.** کنڊون. ماکيءَ جهڙي مٺي غذا يا ميوو جنهن مان توانائي ملي.

Suppository **سَپوزٽري.** وَٽِ. گوليءَ جي شڪل جهڙي دوا جي گوري مقعد يا يوني ۾ وجهڻ لاءِ شافه

Suppressant **سَپري سنٽ.** اهڙ دوا جيڪا ڪنهن اهنج کي روڪڻ، بند ڪرڻ يا ماني ڪرڻ ۾ مددگار ٿئي جهڙوڪ کنگهه ختم ڪندڙ دوائون.

Suspension **سَسپين شن.** ڪنهن پاڻيٺ ۾ ملايل پائوڊر

Suture **سُچر.** ٽاڪو. ڪنهن زخم يا ڦاٽ کي سئي ۽ سڳي سان سبڻ

Symptoms **سِمپ ٽمپس.** نشانيون، علامتون. ڪنهن بيماري سبب پيدا ٿيندڙ احساس ۽ حالتون جيڪي مريض ٻڌائي. هن ڪتاب ۾ سمپٽمس به نشانين (signs) ۾ شامل ڪيل آهن.

## T

Tablespoon **ٽئبل اِسپون.** وڏو چمچو. جيڪو ٽن ننڍن چمچن يا 15 ملي لٽرن جي ماپ جيترو ٿئي.

Taboo **ٽئبو.** ڪا به اهڙي ڳالهه نه ڪرڻ جنهن جي تهذيبي لحاظ کان منع هجي.

Teaspoon **ٽي اسپون.** ننڍو چمچو. جنهن ۾ 5 ملي لٽر ماپن، ٽي ننڍا چمچا هڪ وڏي چمچي جي برابر ٿين.

Temperature **ٽيم پَريچر.** ڪنهن فرد جو جسماني گرمي پد.

Tendons **ٽينڊنس.** اهي مضبوط ڏوريون جيڪي مشڪن کي هڏن سان جوڙيل رکن. جڏهن ته ٻنڌيون سنڌن وٽ هڏن کي هڏن سان ڳنڍيل رکن.

Thalassemia **ٿئلي سِي ميا**. رت جي پوٽائيءَ جي موروثي بيماري جيڪا رڳو ڪن ملڪن ۾ ٿئي. اهڙو ٻار 2 سالن جي عمر ۾ رت جي پوٽائيءَ جو سخت شڪار ٿئي ٿو. سندس جيرو ۽ تلي گهٽي وڏيل هجي ٿي

Thermometer **ٿرما ميٽر**. هڪ اهڙو اوزار جنهن سان ڪنهن فرد جي جسم جو گرمي پد تپاسجي.

Tick **ٽِڪ**. چچڙ. جيت جيڪو چمڙيءَ ۾ منڊي لڪائي رت پيئي.

Topical **ٽاپي ڪل**. چمڙيءَ لاءِ. اهڙي دوا جيڪا چمڙيءَ تي هڻجي.

Toxemia **ٽاڪسي ميا**. جسم جي پيدا ٿيندڙ ڪن زهرن سبب ٿيندڙ بيماري جهڙوڪ: حمل جو ۽ پيشاب جو زهر. (يوريميا)

Toxic **ٽاڪسِڪ**. زهريلا، زهري

Track **ٽريڪ**. جسم جي ڪن عضون ۽ حصن جو هڪ اهڙو سرشتو جوڙڻ جيڪي گڏجي هڪ مخصوص ڪم ڪن جهڙوڪ: پيشابي (urinary) ٽريڪٽ جو ڪم رت صاف ڪرڻ ۽ پيشاب نيڪال ڪرڻ آهي.

Traditions **ٽرڊيي شنس**. رسم، رواج، عقيدا، طور طريقا. جيڪي هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين زباني مثالن رستي هلندا رهن.

Transmit **ٽرانس مِٽ**. پهچائڻ، منتقل ڪرڻ. هڪ فرد کان ٻئي تائين پکيڙڻ.

Tropics

Tropical **ٽراپي ڪل**. دنيا جي گرم علائقن يا آبهوا سان واسطو رکندڙ.

Tumor **ٽيومر**. غير رواجي ماس جو ڳوڙهو. جنهن ۾ سوزش نه ٿئي، ڪجهه ڳوڙهيون ڪينسر سبب ٿين.

# U

Ulcer **السر**. چمڙيءَ يا لعابي استر جو ڏري، ڦاٽي پوڻ. چمڙيءَ، اک، معدي يا آنڊي جو پراڻو ڪليل ڦٽ / زخم

Umbilical card **اُمب لائيڪل ڪارڊ**. ناڙو. اها ڏوري جيڪا ٻار کي سندس ڏن رستي ماءُ جي ڳڀيرڻ ۾ اوڙ سان ڳنڍيل رکي.

Umbilical hernia **اُمب لائيڪل هَرنيا**. دن جو ٻاهر نڪتل هڪ وڏو ڳوڙهو. جيڪو آنڊي جي وڪڙ جو، آنڊا جهليندڙ ڳوٿري مان هيٺ لهڻ سبب پيدا ٿئي.

Umbilicus **امب ليڪس** ڏسو Naval

Unconsciousness ڏسو Loss of consciousness

Under – Fives Programmes انڊر فائيوس پروگرام. مائرن کي پنج سالن کان گهٽ ڄمار جي ٻارن جي صحت بابت ڄاڻ ڏيڻ جي رٿا.

Urethra **يُوريٿرا**. اها پيشاب نالي جيڪا مثاني کان ان سوراخ تائين ٿئي جتان پيشاب خارج ڪجي ٿو.

Urinary tract **يوريناري ٽريڪٽ**. پيشاب پيدا ڪرڻ ۽ خارج ڪندڙ عضون جو سرشتو جهڙوڪ: بڪيون، مثانو ۽ پيشاب نلي.

Urine **يورين**. پيشاب. جسم جي پاڻيٺي غلاظت

Uterus **يوٽيرس**. ڳڀيرڻ.

# V

Vaccinations ڏسو Immunization

Vagina **وَئجائنا**. فرج. يوني، ڳرڀ نالي. اها نالي جيڪا عورت جي ٻاهرين جنسي عضون کان ڳڀيرڻ جي منهن تائين ٿئي.

Vaginal **وَئجائينل**. ڳرڀ ناليءَ سان واسطو رکندڙ

Varicose veins **وئريڪوس وينس**. سڄيل رڳون. عام طور تي ڳوڙهن جيان انگڙ ونگڙ ۽ گهٽي پاڳي پيرسنن جي ٽنگن، ڳورهارين عورتن ۽ گهڻن ٻارن وارين عورتن کي ٿي پون.

Vaseline ڏسو Petroleum jelly

Venereal disease **ويني ريئل ڊزيز**. جنسي وچڙندڙ بيماري. اهڙي بيماري جيڪا جنسي لاڳاپن سبب پکڙجي. هاڻ، سيڪسيوئلي ٽرانسمٽڊ ڊزيز (STD) نالي سان سڏجي.

Vessels **ويسلس**. نليون. نسون ۽ شريانون جيڪي سڄي جسم ۾ رت پهچائين.

Virus **وائرس**. بئڪٽيريا کان به ننڍڙا روڳي جيو جيڪي ڪن قسمن جا انفيڪشن (سولائيءَ سان) پيدا ڪن.

Vitamins **وٽامنس**. تحفظ ڏيندڙ ڪاڏا جن جي اسانجي جسم کي صحيح ڪم ڪرڻ لاءِ ضرورت ٿئي ٿي.

Vomiting **وومي ٽنگ**. الٽي، قي. پيٽ جي مواد جو وات رستي ٻاهر نڪرڻ.

# W

Welts **ويلٽس**. جسم تي پيدا ٿيندڙ ڳوڙها يا ڏڏر. عام طور تي ڏڪ يا ائلرجي سبب ٿين.

Womb **وومب**. ڳڀيرڻ. عورت جي پيٽ ۾ اها ڳوٿري جتي ٻچو نسري.

# X

Xerophthalmia **زيروف ٿئلميا**. اک جي غير رواجي خشڪي جيڪا وٽامن اي (A) جي کوٽ سبب پيدا ٿئي